# خيـال

[شاعري - نثري نظمَ]

زيد پيرزادو

ڪونج اڪيڊمي
ڪراچي

انور پيرزادو اڪيڊمي
ڪراچي

books.sindhsalamat.com

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ شاعر وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪو بہ حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگهجي.

**خيـال** (شاعري)

ليکڪ: زيد پيرزادو

ڇاپو پهريون: 2019ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهه

ٽائيٽل: خدا بخش ابڙو

قيمت: 300 رُپيا

ڇپيندڙ
ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ
**ڪونج اڪيڊمي، ڪراچي**
**انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي**

ڪتاب ملڻ جو هنڌ
**پيڪاڪ ڪتاب گهر**
404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ
فون نمبر: 021-35680607، 021-35682020
peacockbookhouse@gmail.com

www.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي پيءُ
پنهنجي دوست
پنهنجي اُتساهه
پنهنجي استاد
پنهنجي آئيڊيل

## انور پيرزادي نالي

جنهن حق
سچ
مزاحمت
روشن خيالي
ترقي پسنديءَ
جي تعليم
۽ شعور ڏنو

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


- پنهنجي پاران — زيد پيرزادو
- مهاڳ — محمد علي پٺاڻ
- ٻه اکر — امداد حُسيني


## نثري نظم


01 آزادي
02 Citizenship
03 انتظار
04 زندگيءَ جي رلهي
05 وڃايل روح جو اصل نڪاڻو
06 اڄ منهنجو وارو هو
07 مقدس ماضي - بي مقصد مستقبل
08 اليڪشن
09 جذباتي قدم
10 Valentine's Day
11 سنڌ جو نوحو
12 ڪري ڇڏيو اظهار پيار جو
13 ڏاڏي
14 ملاله
15 مرده پرستي
16 نئون سال
17 سچ
18 شاپنگ
19 پيو رخ
20 بلاسفيمي
21 قرباني
22 ڪاڪو قربان
23 سستي جذباتيت جو شڪار نسل
24 تصوير
25 ٻلي
26 انور پيرزادو ڇا هو؟
27 تون منهنجو ساهه آهي
28 وڻ گهر جا ڀاتي
29 نئون جنم
30 پٽ پنهنجوءِ ڏيءُ ڏاري!
31 سوچ جا مسافر
32 نئون دور
33 تنقيد ڪان مٿاهون
34 دهشتگردي
35 ڏرتي
36 بي غيرت غيرتمند
37 وري ياد اچن ٿيون مونکي
38 ڪرپٽ دور
39 فخر
40 عدت
41 شاعر اديب
42 نامڪمل
43 منزلن ڪان مٿاهان ماڻهو
44 خدمتون
45 ڇڏين پيا
46 نيٺ
47 ٿرُ
48 هلجي اُتي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

49 ڳولا
50 تارن پريو آڪاش
51 شعور جي شڪست
52 اونده جو راڪاس
53 ٻيو
54 ڳالهائيندي ڳالهائيندي
55 ايندي ايندي
56 No entry
57 رت جو ٽيپو ڪرڻ
58 مان
59 گولي
60 وطن
61 شاعري
62 ڪاري
63 جياپو
64 پرواز
65 دانهن
66 اونده جو راڪاس
67 سَڏ
68 دل منهنجي
69 حسرتن ۾ مسرتن
70 فاصلا
71 فرنٽ پيج
72 تنهنجي ياد
73 خوفزده ماڻهو
74 انسانيت جو سنگسار
75 سرڪاري پڏرائي
76 فرد جو جسم
77 تڏو
78 قبر
79 ڪا عزت بہ ذلت
80 پيار
81 شيطاني چڪر
82 يادگيريون
83 نئون موت
84 سفر منزل
85 گورک
86 دوستن جي ڪچهري
87 پابندي


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ مان راضي نه هيس. منهنجي ته اها به دعويٰ ناهي ته مان ڪو شاعر آهيان. بس هي منهنجا خيال، منهنجا ويچار آهن جيڪي مان ونڊڻ پئي چاهيا. شاعري خود وجود، سوچ، شعور، روح جي اظهار کي چئبو آهي، اندر جو آواز ٿيندي آهي.

شاعري جو ڪئنواس تمام وسيع آهي ان کي ٻن ٽن وصفن تائين قيد ڪرڻ خود شاعري سان زيادتي آهي. نثري شاعري خاص طور تي اهو ڪئنواس وسيع ڪرڻ ۾ شاعري جو ڏاڍو ساٿ نڀايو آهي. نثري شاعري کي اجان به اها عوامي قبوليت نه ملي سگهي آهي، جنهن جي اها حقدار آهي. تخليق جو جنم پهريون ٿيندو آهي ۽ انجي وصف بعد ۾ ڪڍبي اُهي. اسان وصفن مطابق تخليقن جي تقاضا ڪندا آهيون. آهي پوءِ تخليقون چئبيون الاءِ آرڊر تي تيار ٿيل پروڊڪٽس!

جيتوڻيڪ شاعريءَ جي شروعات مون 1992ع ۾ ڪئي هئي، پر مون ڪڏهن به لکڻ لاءِ ناهي لکيو. هميشه ڪجهه چوڻ لاءِ لکيو آهي. انڪري ٿي گهٽ لکيو آهي. جڏهن ڪو واقعو، ڪا خبر، ڪا پيڙا، ڪا نا انصافي ، ڪو دوکو، ڪو مشاهدو، ڪو پيار اندر ۾ ٽرٽلو مچائيندو آهي ته قلم ان تي اظهار لاءِ ته ڪڏهن احتجاج لاءِ اٿي ڪڙو ٿيندو آهي.





جڏهن مان شروعاتي ڪجهه نظم لکيا هئا ۽ پهريون پيرو بابا کي ڏيکاريا هئا ته بابا نظم پڙهي چيو ته مان نه ٿو سمجهان ته هن وقت ننڍي ڪنڊ ۾ مختصر نظم ۾ هن کان وڌيڪ پاورفل شاعري ٿيندي هوندي. بابا جو همت افزائي ڪندڙ اهڙي ڪمينٽ مون لاءِ جڻ شاعري جو دروازو کولي ڇڏيو هيو.

هن دور جي مهان شاعر امداد حُسيني جا به اکر مون لاءِ ڪنهن اعزاز کان گهٽ نه آهن. محمد علي پٺاڻ ٿي شايد اهو شخص آهي جنهن ڪري اڄ به مون ۾ ڪو شاعر زنده آهي. شروعاتي شاعري کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مون کي اتساهيندو رهيو آهي. شاعر کي اُتساهه جي به شديد ضرورت هجي ٿي نه ته هو ان راهه کي پرائو ڌڳ سمجهي متائي ٿو ڇڏي. مهرباني جڳ مشهور آرٽسٽ خدا بخش ابڙو جي جنهن جديد انداز سان منفرد ٽائٽل ناهي ڏنو.

مان ٿورائتو آهيان امر ۽ زرار پيرزادي جو جن منهنجي ڪتاب کي پڙهي پنهنجون تجويزون مون سان ونڊيون. امر خاص طور تي منهنکي ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ هميشه قائل ڪندو رهيو آهي. پر سڀ کان وڌيڪ منهنکي مظهر لغاري جي ان جملي ڪتاب ڇپرائڻ تي قائل ڪيو جيڪو هن حسن درس لاءِ چيو هيو ته ”ڪتاب ڇپرايو، ان کان اڳ جو توهان جو ڪتاب ڇپرايو وڃي!“

**زيد پيرزادو**
ڪراچي
30 آڪٽوبر 2019ع
03343028582
zaahmed@uok.edu.pk

# اظهار جو جُدا رو ڍنگ

انساني ذهن بہ آسمان جيڏي وشالتا ٿو رکي. جنهن ۾ ڳالهيون هوائن آڏار ڪڪرن وانگر گهمنديون ڦرنديون رهن ٿيون. جيڪي ڪڏهن ڏکن جي ڪيفيتن کي تہ ڪڏهن خوشين جي جذبن کي هيٺ کان مٿي ڪندي وقت جي رفتار سان وک ملائي هلنديون زندگيءَ جي گاڏي کي مسلسل هڪ جستجوءَ ۾ رکن ٿيون.

اهي ئي ڳالهيون ڪنهن شاعراڻي مَنَ رکندڙ ماڻهوءَ ۾ انهن ڪڪرن کي گڏي، ڪاري ڪارونيار جو روپ ڏئي ۽ خيالن جي جهانَ کي پاڻمرادو جوڙي ڦُڙ ڦُڙ ڪري پنن کي لفظن جو ويس پهرائين ٿيون ۽ آهستي آهستي طوفاني وسڪاري ۾ تبديل ڪري اعليٰ درجي جي اهڙين تخليقن کي جنم ڏين ٿيون، جن تي زمانا نازڪن ٿا ۽ انهن جي زندگي صدين جيڏي ڊگهي ۽ موت کي مات ڏيندڙ جو اعزاز حاصل ڪري ٿي وٺي.

هي خيال منهنجي ذهن ۾ پنهنجي محسن ۽ ادب، شاعري، تحقيق ۽ صحافت جي دنيا جي تمام اُتانهين جبل جيڏي حيثيت رکندڙ سائين انور پيرزادي صاحب جي ٽئين نمبر فرزند ڪراچي يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ۽ مائڪرو بائلاجيءَ ۾ ملڪ کان ٻاهر ويانا يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي ڪيل زيد پيرزادي جي ”خيال“ نالي واري


books.sindhsalamat.com



شاعريءَ جي پهرين ڪتاب جو مطالعو ڪندي اڀَرن ٿيا ۽ جنهن پنهنجي پهريئي پٽ جو نالو بہ ”خيال“ ئي رکيو آهي.

پنجيتاليهن سالن جي عمر کي رسيل زيد پيرزادي جي ابتدائي شاعري ان زماني ۾ جڏهن هو اڃا ويهن سالن جي سرحد بہ نہ ٽپيو هو، پڙهي مان دنگ رهجي ويو هوس ۽ ان کي پنهنجي هٿين اکرين اتاري شايع ٿيڻ کان اول تنهن زماني ۾ هدايت منگي صاحب جي ميزبانيءَ ۾ هفتيوار ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تان پيش ٿيندڙ ادبي پروگرام ”رسالو“ ۾ پنهنجي آواز ۾ پڙهي جڳ جهان ۾ هن کي ائين ئي شاعر جي حيثيت ۾ نشانبر ڪيو هيم، جيئن انور پيرزادي صاحب منهنجي شاعري ڇپجڻ کان اول 1982ع ۾ پروڊيوسر نثار ميمڻ صاحب جي ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي هفتيوار ادبي پروگرام ”رسالو“ ۾ ”نئين شاعر جي روپ ۾“ تعارفي ليک سان پڙهي مونکان ڪهاڻين لکڻ تان ارواح ڪڍائي رڳو ئي شاعريءَ سان نينهن جو ناتو ڳنڍرايو هو. جنهن جي شروعات بہ مون سندس ئي شاعريءَ جون بہ ڊائريون پڙهڻ کانپوءِ ”مرڪ“ نالي واري نثري نظم لکڻ ۽ ان جي هن پاران تمام گهڻي ساراهہ ڪرڻ سان ڪئي هئي.

ساڳي طرح پنهنجي ”مرڪ“ نظم جيان ئي مون جڏهن زيد پيرزادي جو پهريون نظم ”آزادي“ پڙهيو هو تہ تڏهن ئي اها پيشن گوئي ڪئي هيم تہ، هي شاعر جيڪڏهن ان ئي غير روايتي ۽ جذبي جي اتانهين اڇل سان پنهنجي شاعريءَ جو سفر جاري رکندو تہ اڳتي هلي شاعريءَ جي تاريخ ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ضرور ڪرائيندو ۽ اهڙو مقام يقينن حاصل ڪندو، جيڪو شاعرن جي تمام وڏي ۽ ڊگهي قطار مان ڪن ٿورن کي ئي پلئہ پوندو آهي.


www.sindhsalamat.com

ڏسو، نظم جو تاجي پيئوءِ شاعر جي سوچ جي پرواز:

پکين کي پڪڙيو
پکين کي جهپڙيو
تي سال قيد ڪريو
انهن تي الزام هٽو
آزاديءَ جو
چڙواڳيءَ جو
هٽرادو قدرن جي
سرحدن جا
ليڪا لتاڙڻ جو!!!

شاعر ڪيفيتن جو محتاج ٿيندو آهي. هو جڏهن بہ ڪنهن ڏک، تڪليف يا شديد ڪرب وارن لمحن مان گذرندو آهي، تہ شاعريءَ جي ديوي هن اڳيان لفظن جي آلين اکين جا سهڻا سهڻا ۽ نوان نوان ويس پهري اظهار جا اڳ تصور ۾ بہ نہ ايندڙ ۽ اڻ سوچيل احساسن وارا رقص ڪندي، اسلوب جون سمتون ڪنهن قالين وانگر پاڻ ئي پاڻ تلاشيندي ۽ پين جي پيرن ۾ وڇائيندي ۽ انهن تي آجيان جي گلن جي ورکا ڪندي ويندي آهي. اهو سفر ڪيتري وقت جو هوندو آهي، اهو شاعر جون ڪيفيتون ئي متعين ڪنديون آهن. جنهن تي خود شاعر جو بہ وَسُ نہ هلندو آهي. زيد پيرزادي جي شاعري اهڙن ئي چرين وانگر چوچڙيون هٿن ۾ پڪڙي ڦيراٽيون پائيندڙ ڪڏندڙ نچندڙ ۽ نچي نچي "ڦان" تي ڪري پوندڙ احساسن جي عڪسن جو آئينو آهي. جيڪي پڙهندي ذهن کي گهوماٽيون اچي وڃن ٿيون ۽ ماٺهو "واهہ... واهہ..." جي درياهہ ۾ بيوسيءَ واري حالت ۾ اچي لڙهندو تصورن جي "عجيب عجيب" جهانن جي ڪنارن وارن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پهچي وڃي ٿو.





مٿين ڳالهہ جي تسلسل ۾ زيد پيرزادي جي هن احساس جي عڪس واري آئيني کي اوهان اڳيان پيش ڪري در اصل هن جي غير روايتي ۽ بين شاعرن کان مختلف ڏڳ تي هلڻ وارن پيرن کي ظاهر ڪرڻ بيحد ئي ضروري ٿو سمجهان:

چٽڻ هو منهنجي
اهڙي تصوير ٿا چاهين
سٺايون لڪائي سڀ
خرابيون نمايان ڪرڻ ٿا چاهين
دانش کي بيوقوفي
سچ کي ڪوڙ
احترام کي چئي بي عزتي،
عزت کي ذلت ٿا پڪارن
ڪاميابين تي خاموش
ناڪامين تي سرگرم
وار پنهنجا هڙئي هلائي
هدف پنهنجو
حاصل ڪرڻ ٿا چاهين
ڪير وڃي پوءِ ثابت ڪري
الزام هزارين جيڪي
هٽي ٿا وڃن
حقيقت هڪ هجي
ڏيکارڻ بي ٿا چاهين
دوست جي روپ ۾
دشمن بڻجي ٿا پون
قابليتن مان ڪيڏي ڪيڙا

مسخرن کي پارائي تاج
بونن کي چئي عظيم
عظيم کي بونو بڻائڻ ٿا چاهين
پنهنجن لاءِ ايوارڊ
پراون لاءِ قانون سپ
ايماندار کي ڪافر
هيروز کي غدار
ظاهر ڪرڻ ٿا چاهين
طنز توڪ ٺٺول ڪري
انمول هيرن تي
چهرو پنهنجو
مسخ ڪرڻ ٿا چاهين

شاعر جتي پاڻ جهڙن ٻين انسانن جي دردن کي پنهنجي محسوسات جي رت ۾ ملائي ۽ سمائي انهن جو اظهار ڪرڻ لازمي ۽ ضروري سمجهندو آهي، اتي پنهنجي سورن جون سوين صورتون به پڙهندڙن آڏو عيان ڪرڻ پاڻ تي فرض سمجهندو آهي. بعد ۾ پڙهندڙ هن جي خارجي ۽ داخلي احساسن کي پنهنجي سوچ جي ساهميءَ ۾ توري تڪي فيصلو ڪندو آهي، ته هو اظهار جي انهن ٻنهي پُڙن ۾ ڪيترو توازن برقرار رکڻ جي سگهه رکي ٿو. ان حوالي سان مان زيد پيرزادي جي ذاتي زندگيءَ ۾ جهاتي پائي جڏهن هن کي علم جو ڊاڪٽر ٿيڻ واري سفر جو جائزو وٺان ٿو ته روح ۾ هڪ ڪنبٽي برپا ٿيڻ جي ڪيفيت ۾ ويڙهجي وڃان ٿو. هن ان سفر ۾ ڪاميابيءَ جي وڏي منزل (جيڪا هن جي بابا انور پيرزادي صاحب جو وڏو خواب هئي) ته ماڻي، پر وقت جي ان ڊوڙ ۾ هن پنهنجي بابا کي به هٿن مان ابد جي راهه تي واري جي روپ ۾ وهي ويندي ڏٺو، ته جنم ڏئي هي جهانُ






ڏيکاريندڙ امڙ تاج خاتون پيرزاديءَ کي به. ان شديد پيڙا کي هن پنهنجي پٽ "خيال" جي جنم ڪانپوءِ هِنَ "ڏاڏي" عنوان واري نظم ۾ اسان آڏو هيئن ظاهر ڪيو آهي ته:

منهنجي پٽ کي
اجايون سجايون
هر وقت
تعريفون ڪرڻ واري
ڏاڏي نه ملي آهي

اها ڏاڏي جيڪا
مٿي تي ڪٽيس ها
هن جا سپ انگل
پورا ڪري ها
ڪيرهن سان وڙهي ها
ته ان سان جهيڙو ڪري اچي ها
سجو ڏينهن هن سان
ٽال پتال پئي ڪري ها
ٻاتيون ٻوليون ڳالهائيس ها
سڄي دنيا کان
سهڻو چويس ها
ناجائز خواهشون به
پوريون ڪريس ها
ضد ۽ ڏٽ به
خوشيءَ سان سهيس ها
سيني وصفن جي

هڪ هڪ ڪري
واڪاڻ ڪريس ها
اکيون تہ ڪير ڏسيس
نڪ تہ ڪيڏو سهڻو اٿس
راٺي جو هلڻ تہ ڪير ڏسي
وزن ڪٽڻ جي جهل
هجڻ باوجود
سجو پاڙو چوڙ تي
ڪٽي گهمائيس ها
سجو ڏينهن
گهور پٽي وجيس ها
هن کي ڪيڏي نہ خواهش هئي
منهنجي پٽ ڏسڻ جي
پر
منهنجو سهڻو پٽ
ڏاڏيءَ جي پيار جي
ان سموري مزي کان
محروم رهجي ويو آهي

زيد پيرزادو پنهنجي شاعريءَ ۾ خيالن جي نواڻ ۽ اظهار جي جُداري دڳ تي هلڻ سان گڏ ”روشن خياليءَ“ واري منزل کي اکين جي ماڻڪين ۾ ڏاڍي باريڪ بينيءَ سان سانڍڻ کان ڪٿي بہ غافل نہ ٿو ٿئي. جيڪا هن کي شاعرن جي ڊگهي قافلي ۾ بہ ٽَڪا اجا وڌيڪ نمايان ڪري ٿي. هو ملالہ جي علم جي پنڌ ۾ اونده جي انڌي گوليءَ جو قهر ڏسي ٿو تہ پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتل مڇيءَ وانگر ان تي ”ملالہ“ عنوان وارو نظم لکي پنهنجي لونءَ ڪانڊاريندڙ تڙپ کي هن طرح ظاهر ڪري ٿو:


books.sindhsalamat.com



توهان جڏهن ٻئي کي
مارڻ ٿا چاهيو
تہ پاڻ مري ٿا وڃو
جا گولي ملالہ کي
مارڻ لاءِ مُڪي وئي
سا تہ ڪيس
جياپو ارپي وئي
۽ قاتل کي ماري وئي
دشمن کي رسوا ڪري وئي
حملا اڪثر
مارڻ بدران
سگهارو بڻائي ويندا آهن
سوچن جي تبديلي
جنگين جي ميدانن ۾ نہ
آبادين جي اوطاقن
۾ ٿيندي آهي

پيار جي احساس وارا هن ڪتاب ۾ شامل سڀ نظم بہ زيد پيرزادي هڪٻئي کان ڌار ڪري ڏاڍي نرالي انداز ۾ لکيا آهن. جن مان پڙهندڙ ڌار ڌار حِظ تہ حاصل ڪري ٿو، پر انهن جي مختلف ڪيفيتن کي انتهائي اونهائي ۽ گهرائيءَ ۾ وڃي محسوس بہ ائين ڪري ٿو، جو عقل بہ عجب جي نشانيءَ ۾ اوچتو ۽ بار بار تبديل ٿي دنگ رهجي ٿو وڃي. هي ”انتظار“ نظم بہ انهن مان اظهار جو اهڙو ئي انوکو روپ ٿو اڳيان آڻي:

جسم جي ريس تي
گهر منهنجي جي هر شيءِ بہ


www.sindhsalamat.com

قابوءَ منهنجي ڪان
ٻاهر نڪري وئي آهي
عجب جي نشانيءَ وانگر
حيران ٿي وئي آهي
ويران ٿي وئي آهي

منهنجو رڌڻو
تولاءِ نهندڙ
چانهه جي مهڪ سنگهڻ لاءِ
بيتاب آهي
فرش تنهنجي قدمن جي زورن سان
پنهنجو صدين جو ٿڪ
لاهڻ ٿو چاهي
صوفا توکي
ٻاڪر ۾ پرڻ لاءِ آتا آهن
ٽنگيل نوان وڳا
نفرت وچان ٿا،
مون ڏي تڪين.
ڪنگيءَ ڪان وارن جي ياد
وسري وئي آهي
ڪئلينڊر هوا ٻهاني
ايندڙ وقت طرف
اڏرڻ ٿو چاهي
توڪان مايوس ٿي
بلب جي روشني ٻه





جهڪي ٿي وئي آهي
پکو ٻه،
بيزاريءَ مان هوا ٿو ڏئي
موبائيل جي گهنٽي
مستقل منهنجو مذاق ٿي اڏائي
تون هيڪر اچ
مونکي نہ سهي
منهنجي چوگرد ڦهليل
هن بيچينيءَ کي
ڪو چين ڏئي وڃ
ڪو آرام ڏئي وڃ.

ائين زيد پيرزادي جي هن ڪتاب ۾ ڏيمي ڏيمي، آهستي آهستي ۽ گهري گهري سفر واري خيالي ڪائنات مان گذرندي سندس ”زندگيءَ جي رلهي“، جذباتي قدم“، ”اوندهہ جو راڪاس“، ”مردهہ پرستي“، ”نئون سال“، ”سچ“، ”شاپنگ“، ”ٻيو رخ“، ”ڪاڪو قربان“ ڪان ويندي ۽ ٻين نظمن مان ٻن نيٽن کي گذاريندي جڏهن هن جي پنهنجي بابا تي لکيل نظم ”انور پيرزادو چا هيو“ کي پڙهجي ٿو تہ شاعر جي شاعراڻي اڏام سان ”مينهن ڪُنديءَ پورُ“ جهڙو ناتو جُڙي ٿو وڃي ۽ مَنُ ائين گد گد ٿيڻ لڳي ٿو، ڄڻ علم ۽ عقل جو ڪو اهڙو خزانو هٿ اچي ويو هجي، جيڪو سوين ڪتابن مان ڪنهن ڪنهن مان ئي حاصل ٿيندو آهي.

**محمد علي پناڻ**
8 سيپٽمبر 2019ع
لاڙڪاڻو

# ٻه اکر

اوندهه جو راڪاس
آ ڏيهه مٿان ڇانيل،
ڏينهن ڏني جو ٻه!

”خيال“ انسان جي سڀ کان وڏي سَگهه آهن. ٻُت ڀلي سنگهرن ۾ سوگهو هجي، پر ”خيال“ کي سوگهي ڪرڻ لاءِ اڃا ڪا به سنگهر نه ٺهي آهي. سچل سرمست چئي ٿو ته:

مين تان ڪوئي خيال هان، مِلسان نال خيال دي!

سو، زيد پيرزادي به پنهنجي پهرئين شعري مجموعي جو نالو ”خيال“ رکيو آهي ۽ هن پنهنجا ”خيال“ نثري شاعريءَ ۾ اسان جي آڏو پيش ڪيا آهن. مان انهن خيالن کي پڙهان ٿو ۽ حيران ٿيان ٿو.

شاعريءَ ۾ به (زندگيءَ وانگي) ”خيال“ جي وڏي اهميت آهي. ان جي اهميت تڏهن تهائين وڏي ٿي وڃي، جڏهن اهو ٻوليءَ ۽ هيئت سان رِلمِل هوندو آهي، جيئن مٿي ڏنل ٽن سٽن ۾ ٻارهن لفظن ۾ پوئجي ويو آهي. فطري طور ٽنهي- ٻولي، خيال ۽ ٽيڪنيڪ- جو هڪ ئي وقت نزول ٿيو آهي ۽ پنهنجو ڀرپور اثر ڇڏي ٿو. ان جي آخري سِٽ انهيءَ خيال کي وڌيڪ زورائتو ڪري ٿي:

ڏينهن ڏني جو ٻه !





اهو- ڏيهه مٿان ڇانيل، ڏينهن ڏني جو ”ٻه“ ڇانئجڻ- جو لقاءُ موجوده اُگري ۽ نگري صورتحال کي اسان آڏو آڻي ٿو، ٿورين سٽن ۽ ٿورن لفظن ۾. آخري سِٽ ۾ ڪتب آيل لفظ ”ٻه“ روزانو ڪتب ايندڙ هڪ عام /معمولي لفظ آهي، پر ان سِٽ ۾ اچي هڪ خاص/ غير معمولي لفظ بڻجي ويو آهي!

نثري شاعريءَ ۾ نه ته ”قافيي بازيءَ“ جو ڪو جهنجهٽ آهي، نه ئي بحروزن يا ماترڪ ڇند جو ڪو چڪر آهي. ان ۾ ڪا به پابندي نه آهي ۽ اهائي ان جي وڏي ۾ وڏي پابندي پڻ آهي مثلاً ان ۾ ڪو به ڀرتيءَ جو لفظ نه هئڻ گهرجي. ساڳئي وقت خيال/ موضوع جي پيشڪش شاعراڻي هجي. مخففن جو واهپو به نه هئڻ گهرجي. قافيو جيڪڏهن فطري طور اچي به ٿو ته اچڻ ڏجي. منهنجي راءِ ۾ ”زيد“ ان ڏس ۾ گهڻي ڀاڱي ڪامياب آهي. بنا ڪنهن ٽيڪا ٽپڻيءَ جي ”زيد“ جي رچنا جو هڪ بند:

فرش تنهنجي قدمن جي زورن سان،
پنهنجو صدين جو ٿڪُ،
لاهڻ ٿو چاهي،
صوفا توکي
ڀاڪر ۾ ڀرڻ لاءِ آتا آهن
(انتظار)

”خيال“ ۾ ڪيترائي خيال اهڙا آهن جيڪي متاثر ڪندڙ آهن جيئن ”انور پيرزادو ڇا هو؟“، ”قرباني“، ”سچ“ يا ”ٻلي“. ٻلي پڙهي فيس ٻُڪ تي ”ڪتا مار مهم“ ۾ ماريل ڪتن جي قطارن ۾ پيل تصوير اکين آڏو اچي وئي! جيڪي ماڻهن مارڻ ۾ به ڪهڪاءُ نه ٿا ڪائين، انهن کي جانور کي مارڻ ۾ ڪهڙو ڪهڪاءُ ايندو؟ ”وڻ گهر جا ڀاتي آهن“ پڙهي، ڪالهه حيدرآباد سنڌ کان ڪراچيءَ ڏانهن ايندي موٽروي تي

خالي

## خيال

چھہ ترکون کاٺ سان سٽيل ڏنم! ڪنھن ٻيلي جي وَڏَ ٿيل هوندي!

”اڄ منھنجو وارو هو“ هن مجموعي جي هڪ اهم رچنا آهي. ان ۾ ڪردار بہ آهن، تہ ڪھاڻي بہ ، شھر بہ آهن. واقعا بہ آهن دهشتگرديءَ جا. پشاور جو واقعو، گلگت ۾ چاليھن ڄڻن کي بس مان لاهي، سڃاڻپ ڪارڊ چيڪ ڪري گولين هڻي مارڻ جو واقعو، ڪوئٽا جو واقعو، نوشهري جو واقعو- ۽ ان نظم / رچنا جو ڪلائمڪس:

پر اڄ
اسان جي شھر جي وچ بازار ۾
هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو ۽
اڄ منھنجو وارو هو !!!!

**امداد حُسيني**

# خيال

## (نثري نظمَ)

خالي

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

## آزادي

پکين کي پڪڙيو
پکين کي جهپڙيو
تي سالَ قيد ڪريو
انهن تي الزام هڻو
آزاديءَ جو
چڙواڳيءَ جو
هٿرادو قدرن جي
سرحدن جا
ليڪا لتاڙڻ جو!!!





## Citizenship

گهڻي پيسي،
عاليشان بنگلي،
وڏيءَ پگهار،
اعليٰ نوڪريءَ،
ٻاهرين ملڪ جي،
Citizenship سان،
زندگي نه ٺهندي آ.

ملڪ متائڻ سان،
مسئلا ختم نه ٿيندا آهن،
مسئلا فقط متبا آهن.
پئسي وٽ وقتي خوشي،
خريد ڪرڻ کان وڌيڪ پئسا،
ناهن هوندا.

زندگي تہ فقط ماڻھن سان ٺھندي آ،
پيارءِ قرب سان ٻرندي آ،
دوستن جي ٽھڪن ۾ ٽڙندي آ.
ذهن جي سڪون،
ڪان وڏي دولت ڪاِئي ڪانهي،
پنهنجي گھر ۾ سمهڻ،
ڪان وڏي لذت ڪاِئي ڪانهي.
خوشيون شين مان نہ پر،
ماڻھن مان ملنديون آهن.

سڄي عمر ماڻھو نہ تہ ،
سڪندو ٿو رهي،
پنهنجائپ لاءِ.
خوابن ۾ پنهنجي ديس جون گھٽيون ،
گھمندو ٿو رهي.
ڌاري ٻولي ڳالهائڻ جي ٽڪ سان،
زبان شل ٿي رهي.
پريل گھر ۾ بہ،





پنهنجو پاڻ،
خالي خالي ٿو محسوس ڪري.

پنهنجو ماضي وڪڻي،
مستقبل خريد ڪرڻ،
جو سودو،
ڏاڍو مهانگو ثابت ٿيندو آهي !!!

# انتظار

جسم جي ريس تي،
گهر منهنجي جي هر شيءِ بہ،
قابوءَ منهنجي کان،
ٻاهر نڪري وئي آهي.
عجب جي نشانيءَ وانگر،
حيران ٿي وئي آهي،
ويران ٿي وئي آهي.

منهنجو رڌڻو،
تو لاءِ نهندڙ
چانهن جي مهڪ سنگهڻ لاءِ،
بيتاب آهي.
فرش تنهنجي قدمن جي زورن سان،
پنهنجو صدين جو ٿڪُ،





لاهڻ ٿو چاهي.
صوفا توکي ،
ياڪر ڀيرڻ لاءِ آتا آهن.
ٽنگيل نوان وڳا،
نفرت وچان ٿا،
مون ڏي تڪين،
ڪنگي ڪان وارن جي ياد،
وسري وئي آهي،
ڪئلنڊر هوا بهاني،
اينڊڙ وقت طرف،
اڏرڻ ٿو چاهي.
توکان مايوس ٿي،
بلب جي روشني بہ،
جَهڪي ٿي وئي آهي،
پکو بہ،
بيزاريءَ مان ٿوهوا ڏي.
موبائيل جي گهنٽي،
مستقل منهنجو مذاق ٿي اُڏائي.

تون هيڪر اچ،
مون کي نہ سهي،
منهنجي چوگرد ڦهليل،
هن بيچينيءَ کي،
ڪو چين ڏئي وڃ،
ڪو آرام ڏئي وڃ.





## زندگيءَ جي رلهي

زندگيءَ جي رلهي تہ
حياتين جي ٽوپن سان
سبيل آهي
هر ٽوپو آخر تہ ڇڄڻو آهي
هر حياتي آخر تہ وڃڻي آهي

نيڪ آهي
فقط موت جي حياتيءَ کي
موت ناهي

پر توهان جي حياتي
فقط توهان جي ناهي
اها ٻين جي حياتين سان
اهڙي ريت ڳنڍيل آهي

اهڙي ريت وچڙيل آهي
جو زندگي جي رلهي تان
جڏهن ڪو ڌاڳو پٽجي ٿو
تہ ڪيترائي ٻارا
اُڌڙي پون ٿا
ڪيترين ئي حياتين
اُڪلجن ٿيون
ڪيترين ئي زندگيون
سڌ ڪائي ڇجي پون ٿيون!!!

(وڏي ڀاءُ زبير جي وڇوڙي تي لکيل)





## وڇايل روح جو اصل ٽڪاڻو

جڏهن جڏهن بہ مان
ڳوٺ ويندو آهيان،
سهڻيون سايون ٻنيون ڏسندو آهيان،
جبلن جون قطارون ڏسندو آهيان،
آسمان جي وسعتن ۾ وڃائجي ويندو آهيان،
ڪڪاوان پکا ڏسندو آهيان،
جَهرَ جهنگَ ڏسندو آهيان،
پريل اوطاقن ۾ هلندڙ
ٺهڪن پريون ڪچهريون ٻڌندو آهيان،
درياهہ جي سڪون کي محسوس ڪندو آهيان،
ٻاهين جي مچن جا مزا وٺندو آهيان،
پکين جون نيون نيون لاتيون ٻڌندو آهيان،
مٽيءَ جي خوشبو سِگهندو آهيان،

تڏهن مون کي محسوس ٿيندو آ،
ڄڻ مون پنهنجي وڃايل روح جو
اصل ٽڪاڻو
ڳولي لڌو هجي !!!





## اڄ منهنجو وارو هو

پوئين سال
سوين ماڻهو بم جو ڪاج ٿي ويا
پر اهو واقعو پشاور ۾ ٿيو هيو

هن سال جي پهرئين مهيني ۾
چاليهن ڄڻن کي بس مان لاهي
گوليون هڻي ماريو ويو
پر اهو واقعو گلگت ۾ ٿيو هيو

ڇهه مهينا اڳ
پندرهن ڄڻن کي انٽيليجنس وارا کڻي ويا
۽ انهن جا لاش روڊ تي مليا هئا
پر ايئن ڪوئيٽا ۾ ٿيو هيو

پوئين هفتي چئن قوم پرستن کي
گوليون هڻي ، لاشن کي ساڙي ڇڏين
اهو واقعو نوشهروفيروز ۾ ٿيو هيو

پر اڄ،
اسانجي شهر جي وچ بازار ۾،
هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو،
۽
اڄ منهنجو وارو هو !!!!





## مقدس ماضي ـ بي مقصد مستقبل

چيگم چپاڙڻ واري
عمر ۾ نعرا لڪندڙ نسل
انقلاب آڻڻ واري
عمر تائين پهچندي پهچندي
الاءِ ڇو خاموش ٿي ويو!
سندن خواب ئي ٻُڏا ٿي ويا!
جوان جسم بہ ٿڪجي پيا
قافلو ڇو راهہ پلجي ويو؟
مزاحمت واري ڇٽنگ ڪيئن وِسامي وئي؟
سيئي آدرش ڇو مري ويا؟
ڇا سماج بدلجي ويو؟
مقدس ماضي،
بي مقصد مستقبل بڻجي ويو!
صبح اڇڻ کان پهريون ئي

صبح جي جستجو
ماڻي ٿي وئي !!!!

(فيض پيرزادي جي نثري نظم "مقدس ماضي" جي حوالي سان)





# اليڪشن

تبديلي جا قسم
ڪيترائي ٿين
سٺي بہ تہ بري بہ
بري تبديلي کي ووٽ نہ ڏجو!

سچ جا ڪيترائي
حصا ٿيندا آهن
سچو بہ تہ اڌ بہ
اڌ سچ کي ووٽ نہ ڏجو!

ايمانداري هڪ نہ ٿيندي آهي
ڪن ۾ سو ڪن ۾ هزار ڪن ۾ لک
گهٽ ايماندارين وارن کي ووٽ نہ ڏجو!

ڪارڪرد گيءَ جو مقابلو
ٿيندو آهي
ڪنهن ڪان سٺي
ڪنهن ڪان خراب
جن جي ڪا ڪارڪردگي ئي نه هجي
اهڙي ڪارڪردگي کي ووٽ نه ڏجو!

خدمتون وقت سان
تعلق رکنديون آهن
ڪي مستقل ته ڪي موسمي
موسمي خدمتن کي ووٽ نه ڏجو!

سياستدانن جو روح
تقرير ۾ نه هوندو آهي
ڪردار ۾ ڳولبو آهي
تقريرن کي ووٽ نه ڏجو!





اليڪشن
بيٺل اميدوارن مان
بهتر اميدوار کي
چونڊڻ جو نالو آهي
فرشتن جي انتظار ۾
ووٽ جو بائڪاٽ نه ڪجو!

ننڍن ٺڳن مان بيزار ٿي
وڏن ٺڳن کي ووٽ نه ڪجو!!!

( 2018 واري اليڪشن کان اڳ لکيل)

## جذباتي قدم

اسانجي سماج ۾
ٻي هر غلطي معاف آهي
پر
نادان عمر ۾ ڪنيل
ننڍڙي ڇوڪريءَ طرفان
هڪڙي جذباتي قدم جي سزا
قابلِ معافي ناهي !
خطائن سان ڀريل
”سَمجهدار معاشري“ جو فيصلو
عمر ڀر جي ڊِڪار آهي !!!





## Valentine’s Day

اڄ محبت جي عالمي ڏينهن تي،
مان شدت سان سوچيان ٿو،
ڪو محبت جي خلاف،
ڀلا ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟
ڇا هو نفرتن جو حامي هوندو؟
Valentine‘s Day نہ سهي،
سهڻي ميهار جو ڏينهن ئي سهي،
پر ڪو ڏينهن تہ،
محبت جي نانءُ ٻہ هجي!

محبت جي ڏينهن جو مطلب،
هڪ ڏينهن جي محبت ناهي،
محبت جي پيغام جو ڦهلاءُ آهي،
نئين سر جيئارڻ جو نالو آهي.
محبت کي تازگي ڏيڻ جو ڏينهن آهي.

افسوس هي ماڻهو،
انتها پسنديءَ جي خلاف نہ آهن،
مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف نہ آهن،
سماجي بي واجبين جي خلاف نہ آهن،
پر هي ماڻهو،
محبت جي علامتي ڏينهن،
جي بہ خلاف آهن!!!





## سنڌ جو نوحو

واراڻّيا،
ڏاڙهي وڏيل،
اڇيون اکيون،
ڏند رت رڱيل،
ننهن ڇڪي پٽيل،
بجليءَ جا شاڪ کاڌل،
ڪاريون آڱريون،
ڊرل مشين سان،
سوراخيل پني،
سگريٽن سان ڏنپيل،
هٿ ۽ پير،
پيٽ تي ڪارن پٽن جا نشان،
جسم تي رهڙون،
ڏڪن جا بيشمار نشان،

هي ڪنهن جا،
پار پتا آهن؟
هي ڪنهن ٽارچر ٽيل،
قوم پرست جو لاش آ،
يا،
سنڌ جي سور ۾،
سيسڙاٽيون پريندڙ
وجود جو نوحو آهي!





## ڪري ڇڏيو اظهار پيار جو

اڳ
ان ڪان
جو دير گهٽي ٿي وڃي
ڪري ڇڏيو
اظهار پيار جو

محبت نہ آهي
سانڍي، لڪائي سنڀالي،
رکڻ وارين شين منجهان
محبت تہ
حوالي ڪري ڇڏڻ جي شيءِ آهي
ارپي ڇڏڻ جو نالو آهي

محبت جي موٽ
ملي نہ ملي

پر ڪشش پيار ڪي
پنهنجي هڪ
جدا ٿيندي آهي
جا ڳنڍي رکندي آهي
محبوب ڪي عاشق سان
۽ ڇڪيندي رهندي آهي
ڪيس مسلسل
هميشہ پاڻ ڏانهن

ڪري ڇڏيو
پيار جو اظهار
ڪٿي
محبت جو اظهار
نہ ڪرڻ جو پڇتاءُ
عمر ڀر جو صدمو
نہ بڻجي وڃي!





## ڏاڏي

منهنجي پٽ ڪي
اجايون سجايون
هر وقت
تعريفون ڪرڻ واري
ڏاڏي نہ ملي آهي

اها ڏاڏي جيڪا
مٿي تي ڪٽيس هان
هن جا سڀ انگل
پورا ڪري هان
ڪير هن سان وڙهي هان
تہ ان سان جهيڙو ڪري اچي هان
سجو ڏينهن هن سان
تال پکال پئي ڪري هان

ٻاتيون ٻوليون ڳالهائيس هان
سڄي دنيا کان
سهڻو چوبس هان
ناجائز خواهشون به
پوريون ڪريس هان
ضد ۽ ٻٽ به
خوشي سان سهيس هان
سيني وصفن جي
هڪ هڪ ڪري
واکاڻ ڪريس هان
اکيون ته ڪير ڏسيس
نڪ ته ڪيڏو سهڻو اٿس
راڻي جو هلڻ ته ڪير ڏسي
وزن کڻڻ جي جهل
هجڻ باوجود
سڄو پاڙو چُوڙ تي
کڻي گهمائيس هان
سڄو ڏينهن





گهور پئي وڃيس هان
هن کي ڪيڏي خواهش هئي
منهنجي پٽ ڏسڻ جي

پر
منهنجو سهڻو پٽ
ڏاڏي جي پيار جي
ان سموري مزي کان
محروم رهجي ويو آهي!

## سچ

سچ تہ ڪڏهاڪون
”ڊي ريل“ تي چڪو آ
ڪوڙ جي ڪوڙ سان
جنگ جاري آ
وڏي ڪوڙ جي مقابلي ۾
ننڍي ڪوڙ جو سات ڏيڻ
هن دور جي
مجبوري بڻجي وئي آ !!!





## ملالہ

توهان جڏهن ٻئي کي
مارڻ ٿا چاهيو
تہ پاڻ مري ٿا وڃو
جا گولي ملالہ کي
مارڻ لاءِ مُڪي وئي
سا تہ ڪيس
جياپو ارپي وئي
۽ قاتل کي ماري وئي
دشمن کي رسوا ڪري وئي

حملا اڪثر
مارڻ بدران
سگهارو بڻائي ويندا آهن

سوچن جي تبديلي
جنگين جي ميدانن ۾ نه
آبادين جي اوطاقن
۾ ٿيندي آهي





## مرده پرستي

هر جيئرو ماڻهو
نندو ڇو لڳندو آهي؟
محسوس معمولي
ڇو ٿيندو آهي؟
خوبيون سموريون
لڪي ڇو وينديون آهن
خاميون سڀئي
حاوي ڇو رهنديون آهن
انسان جو مقام سمجهڻ لاءِ
موت ڇو ضروري آهي؟
مرڻ بعد ئي ڇو
قدر ٿو ملي؟

تعريفن ٽربيوٽس
وڏن وڏن پروگرامن

جا دروازا اڪثر
مرڻ بعد ئي کلندا آهن
جشن اهو
زندگيءَ جو آهي
الاءِ موت جو
زندگي ايئن ئي
موت جو انتظار
ٻڌجي رهجي وئي آهي

همت افزائي جي انرجي
اعتماد جي دولت
حوصلو پيدا ڪندڙ شاباسي
زندگيءَ جي سفر جون گهرجون آهن

محبتا جو ميلو
تہ جيئري ئي سونهندو آهي
مرڻ بعد مليل محبتا
ڪنهنجي ڪم جي آهي؟





موت پڄاڻان مليل ايوارڊ
دفنائي ئي سگهجن ٿا

توڪ بيعزتي تنقيد
ڏاڍا سٺاوا ڪم آهن
سڀ ڪان ڏکيو ڪم
عزت محبت قدر مقام ڏيڻ آهي

## بلاسفيمي

ڀٽائي بلھي شاھ سچل
ڇڳو ٿيو
گھٽو اڳ
گذاري ويا
بلاسفيمي جي الزام ھيٺ
ھجوم ھٿان
سنگسار ٿيڻ کان
بچي پيا





## نئون سال

اسان جو ملڪ
جنھن ۾
خوشيون ملھائڻ تي بہ
پابندي لڳل آھي
خوشخبرين جو رواج نہ آھي
ھڪ سوڳ جي پڄاڻيءَ کان اڳ ئي
نئين سوڳ جي شروعات ٿيندي آھي
ڏکن جا ميلا لڳندا آھن
ماتمن جا اھتمام ڪيا ويندا آھن
افسوس جي موسم رائج رھندي آھي
مسئلن جو مينھن وسندو آھي
مايوسين ۾ عوام پِسندو رھندو آھي
رت ۾ وھنتل
روز اخبارون اينديون آھن

تاريخون سانحن سان
ياد رکيون وينديون آهن
بک، بد حالي، بيروزگاري، بدامنيءَ جون
بريڪنگ نيوز هلنديون آهن
ڪيسي خالي ماڻهن جي
سنيپ چيڪنگ ٿيندي آهي
مزن تي ڇاپا لڳندا آهن
قانون ڪمزورن لاءِ سخت هوندو آهي
نواڻ گناهه سمجهي ويندي آهي
عوامي خدمت بدران
حڪومت پنهنجي خدمت
ڪرڻ جو نالو هوندي آهي

تنهن ملڪ ۾
نئين سال جي رات آئي آهي
پر نئين سال جي
آجيان
تي بہ بندش لڳل آهي!





# شاپنگ

ڏوئي، سجائي، سنواري
نوان ڪپڙا پارائي
خوشبو لڳائي
پنهنجي ڇوڪري
صوفي تي اچي رکجي
تہ جيئن
سڱ ونڻ وارا
نَڪي نوڪي ڏسن
تہ گونگي تہ ناهي
ٻوڙي تہ ناهي
انڌي منڊي يا
بيمار تہ ناهي
ڪنهن بازاري مال وانگر
پڙيءَ تي بيٺل ٻڪريءَ وانگر

ان خوفناڪ منظر جو
شريف ڇوڪريون
جو حصو نہ ٿجو
پاڻ کي ان امتحان
۾ نہ وجهجو
پيءُ ماءُ کي
ان اذيت کان بچائجو

اڳوات ئي
پنهنجي جيون ساٿي جي شاپنگ
پاڻ ڪري ڇڏجو





## ٻيو رخ

بظاهر سخت ماڻهو
اندر جا ميٺ ماڻهو

غصي جا تيز ماڻهو
اندر جا صاف ماڻهو

گهٽو کلندڙ ماڻهو
ناخوش ماڻهو

تنقيدي ماڻهو
ڪجهہ نہ ڪندڙ واندا ماڻهو

وڏن عهدن تي ويٺل
ڪيترا ننڍا ماڻهو

گهڻ ڳالهائو ماڻهو
ڪجهه نہ چوندڙ ماڻهو

خاموش ماڻهو
سوچيندڙ ماڻهو

سخت ماڻهو
ايماندار ماڻهو

سنجيده ماڻهو
مزاحيہ ماڻهو

اصول اصول ڪندڙ ماڻهو
ميرٽ جا قاتل ماڻهو

شريف نظر ايندڙ ماڻهو
اندر جا بدمعاش ماڻهو





رسمي ماڻهو
بناوتي ماڻهو

مشهور ماڻهو
کوکلا ماڻهو

سوشل ماڻهو
گهر کان لاتعلق ماڻهو

بظاهر نرم مزاج ماڻهو
اندر جا سخت گير ماڻهو

## قرباني

ان وقت
جڻ منهنجي زبان به
ذبح ٿي وئي
جڏهن منهنجي
ٽن سالن جي ٻار
اچي پڇيو
بابا
اڇو ٻڪر ڇو ڪٽجي ويو!
ڪارو ٻڪر ڇو ڪٽجي ويو!





## ڪاڪو قربان

هن جي ڪچهري
جڻ سياري ۾ باهه جو مچ
جڻ رڻ ۾ ڪوئي وڻ
جڻ ڪلڻ جي ڪاڻ
جڻ ٽهڪن جو درياهه
جڻ ڏکن جو بائڪاٽ
مايوسين جو مخالف
اڪيلائيءَ جو دشمن
جڻ ماڻهن جو ميڙ
جڻ ڳنڍڻ جي مشين
جڻ مسڪراهٽن جي ٻني
جڻ ڪچهري جو مور
جڻ ڪچهري جو دم
جڻ زندگي جو ٽهڪ

جڻ پاڻ هڪ ويڙهو
جڻ پاڻ هڪ اوطاق
جڻ پاڻ هڪ ڳوٺ

(قربان پيرزادي جي ياد ۾)





## سستي جذباتيت جو شڪار نسل

گهر جو ڪوبہ ڪمُ نہ ڪجي
دنيا بدلائڻ جون ڳالهيون ڪجن
قوم لاءِ ساهہ ڏيڻ جي ڳالهہ ڪجي
پر ماڻهن جي خدمت کي فرض ڪين سمجهجي
ٺلهي نعريبازيءَ ۾ زندگي گذارجي
زندگيون آسان بڻائڻ جي جستجو نہ ڪجي
قومي گيتن تي جهمريون تہ پائجن
پر قوم جي مسئلن کان بي نياز رهجي
قومي ايڪتا جا ڏينهن ملهائجن
پر قوم جي دردن جو دارون نہ ٻڌجي
لاحاصل خوابن ۾ گم رهجي
حال کي تبديل ڪرڻ جي تدبير ڪا نہ ڪجي
سماج جي دردن کي گهٽ ڪرڻ
انقلاب جي راهہ جي رڪاوٽ سمجهجي

شينهن کي گليل سان
مارڻ جي ڪوشش ڪجي
حقن جي حصول جي جدوجهد نہ ڪجي
پر حقن جوئي بائڪاٽ ڪجي
سنڌ جي پوڄا تہ ڪبي
پر حالت سنوارڻ جي ڪوشش نہ ڪجي
جنهن سان محبت ڪبي آهي
ان کي ننڍڙڪو نہ ڇڏبو آهي
ڪوسو واءُ لڳڻ ناهي ڏبو

عوام جي ڏکن سکن سان
گڏُ نہ بيٺل
ڪوڪلي نعريبازي
سستي جذباتيت جو شڪار
اڄ جو نسل
ڪاش
سنڌ سنوارڻ جا جتن ڪري!





## تصوير

چٽڻ هو منهنجي
اهڙي تصوير ٿا چاهين
سٺايون لڪائي سڀ
خرابيون نمايان ڪرڻ ٿا چاهين
دانش کي بيوقوفي
سچ کي ڪوڙ
احترام کي چئي بي عزتي،
عزت کي ذلت ٿا پڪارن
ڪاميابين تي خاموش
ناڪامين تي سرگرم
وار پنهنجا هڙئي هلائي
هدف پنهنجو
حاصل ڪرڻ ٿا چاهين
ڪير وچي پوءِ ثابت ڪري

الزام هزارين جيڪي
هٽي ٿا وڃن
حقيقت هڪ هجي
ڏيکارڻ ٻي ٿا چاهين
دوست جي روپ ۾
دشمن بڻجي ٿا پون
قابليتن مان ڪڍي ڪيڙا
مسخرن کي پارائي تاج
بونن کي چئي عظيم،
عظيم کي بونو ٿا بڻائڻ چاهين
پنهنجن لاءِ ايوارڊ
پراون لاءِ قانون سڀ
ايماندار کي ڪافر
هيروز کي غدار
ظاهر ڪرڻ ٿا چاهين
طنز ٺوڪ ٺٺول ڪري
انمول هيرن تي
چهرو پنهنجو
مسخ ڪرڻ ٿا چاهين





## ٻلي

جيئڻ جو
آرام جو
خواهش جو
حق
ٻليءَ کي به اوترو
جيترو انسان کي

گرمي ٻليءَ کي به لڳي
سردي ٻليءَ کي به لڳي
بي زبان هوندي
پيار جو اظهار ڪري ڄاڻي
انسان ته انسان
ٻليءَ کي به
پيار ئي ٿو گهرجي فقط

تنهائي جو احساس
ٻليءَ کي ٻہ
وڏي ڪپي ڪوري رکي
نرم دل ٻٽائي ٿي ڇڏي ٻلي
گهر جي محافظ
گهر جي رونق
گهر جو ڀاتي

اعلي انساني ظرف
جي پرک ٻہ
جانورن سان سياءُ آهي





## انور پيرزادو ڇا هو؟

ٿر جو ڄڻ مور هو
علم جو جبل
سنڌ جو پاڇو
ڀٽائي جو فقير
سنڌو درياهہ جو پوڄاري
مهين جي دڙي جي تهذيب
ڄڻ ڪا چانڊوڪي رات
ڄڻ بانسريءَ جي ڪا ڪوڪ
ڄڻ شعور جي ڪا تيز برسات

جيئڻ جو ڄڻ اُتساهہ هو
هر ماڻهوءَ جو دوست
جڳ جو سَوٽ
سيني جو آسرو

خود ثنائيءَ کان دور
پئسو ڏتاريندڙ

يارن جو يار
عورتن کان وڌيڪ فيمينسٽ
آئيڊياز جو ڀانڊار
آدرشي انسان
ظلم جو ويري
سچ جو پاسو
انڌيري جو دشمن
جوانيءَ ۾ جوکم کڻندڙ

ڪم سان عشق ڪندڙ
ويزنري ماڻهو
ماڻهو هو يا ادارو
سکڻ جو سيکارڻ جو
اندر جو سوجهرو





نمر جي جڙ چانو
درياهه جو دوست
جبل جو ساٿي
ماحول جو سڄڻ
فطرت جو وڪيل
سُرن جو عاشق
جماليات جي جڙ ڪا وصف

مخالفن سان پيار ڪندڙ
اظهار جي جڙ آزادي
ٻين جي ڏکن ۾ ڪڙهندڙ
۽ پنهنجا ڏک لڪائيندڙ
مزاحمت جو اهڃاڻ
هر دور ۾ نئون لڳندڙ
خوابن جون ساڀيائون ڏسيندڙ
انسان ذات جي مشين

مقناطيسي ماڻهو
عمر سان وڌيڪ حسين

ڳالهائڻ جڻ طوفان ڪوئي
ڏرمن ڪان دور
ايندڙ دور جو ماڻهو
دوستن جو هڪ قافلو

سنڌي ماڻهو جي سچي تصوير
سنڌي ٽوپ جهڙو حسين
سنڌو تهذيب جو اولڙو
جڻ پاڻ ڪا لغت
جڻ پاڻ ڪا لائبريري
جڻ سنڌ جو انسائيڪلوپيڊيا
هو انور پيرزادو





## تو ۾ منهنجو ساهه آهي

تو ۾ منهنجو
ساهه آهي
جئين تون چوندو آهين
مان تئين ڪندو آهيان
تون جي ڪلندو آهين
تہ مان بہ کلي پوندو آهيان
تنهنجي فرمائش ڪا
پوري نہ ڪري سگهڻ
منهنجي شڪست هوندي آهي
ڏک توکي لڳندو آهي
تہ گهاءُ مون کي ايندو آهي
بيمار تون ٿيندو آهين
ڪمزور مون کان ڪو نہ پڇندو آهي
تنهنجو روئڻ

مون کي ايذاءَ ڏيندو آهي
تنهنجي هر خوشي
خوشي مون کي ڏيندي آهي
منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي
تنهنجي ڪا ڳالهہ نٽائڻ
تنهنجو هر انگل
منهنجي اکين تي
تنهنجيون اجايون سجايون ڳالهيون
بہ مون لاءِ
ڪم جون ڳالهيون هونديون آهن
تون گم ٿي ويندو آهين
تہ لڇندو مان رهندو آهيان
تنهنجو ٻاتو ڳالهائڻ
مون کي چٿو سمجهہ ۾ ايندو آهي
عشق ڇا ٿيندو آهي
اهو تو ئي مون کي سمجهايو آهي
تو ۾ منهنجو ساهہ آهي
ساهہ کان ويجها پُٽَ!





## وڻ گهر جا ڀاتي

وڻ تہ جڻ
گهر جا ڀاتي آهن

وڻ بہ تہ پالتو هوندا آهن
گهر جي پالتو جانور وانگر
گهر ۾ پلجندڙ ٻارن وانگر
ٻارجوان پوءِ پوڙها ٻٽجن

ڀِڪڻ لڳندا آهن
پنهنجن جي اچڻ تي
جهومڻ لڳندا آهن
جدائي ۾ سڪي ويندا آهن
ٻارن کي راند ڪيڏائيندا آهن
پکين کي پڪاريندا آهن
وڏڙن جي نشاني آهن

ورڻ بنا
گهر جڙڻ صحرا آهي
ورڻ گهر جي سونهن آهن
ورڻ گهر جي وراثت آهن
ورڻ گهر جي سڃاڻ
وفاداري جا علمبردار آهن

ڳالهائيندا ناهن
ڏسندا رهندا آهن
محسوس سڀ ڪندا آهن
گُهرندا ڪجهه بہ ڪونهن
ڏيندا سڀ ڪجهه رهندا آهن
پاڻ ساڙي ٻين کي
ڇانو ڏيندا آهن
ورڻ بہ سوشل ورڪر آهن

ڏک سک جا ساٿي آهن
ورڻ تہ گهر جا ياتي آهن





## نئون جنم

سمجهو
توهان اڄ مري ويا آهيو
حياتيءَ جو
ٽائيم ختم ٿي ويو

گذاريل زندگيءَ تي نظر وجهو
جيون ڪيئن گذريو
ڇا سٺو ٿيو
ڇا برو ٿيو
ڪي غلطيون
ڪي پڇتاءُ ياد ڪيو
وڌيڪ ڇا پيا ڪرڻ چاهيو
جيڪر ڪري وٺو هان
جيئن جيون گهاريو اٿو
ٻيهر بہ ڇا ايئن ئي گذاريندو

سمجهو توهان اڄ مري چڪا آهيو
ٻيهر جمي ڏسو
پاڻ کي شعوري نئون جنم ڏيو
پوئين زندگيءَ کان بهتر
زندگي گذارڻ جو وچن ڪيو
فضول شين کي ڇڏي
بامقصد زندگي گذاريو
اهڙي زندگي جيڪا
ٻين کي به پياري هجي

هڪ جنم ۾ ٻن جنمن جا مزا وٺو
ٻيو جنم مختلف گذارجو





## سوچ جا مسافر

جيڪي دل چوي
سوچيئي به نه سگهجي
اظهار جا رستا
ڪيڏا سوڙها
ڪيترا ڏکيا

بلاسفيمي جي جهان ۾
سوچ جا مسافر
اظهار جي پيچرن تي
زخم زخم هن

اظهار جي آزاديءَ جو سفر
تنقيد جي سروڻن
شيطان جي فتوائن

غداريءَ جي نيزن
سان پرجي ويو آهي

اظهار جي آزادي
جيون جو ڏپ
حياتيءَ جو سوال
ٻڏجي وئي آهي





## نئون دور

نئون دور آيو آهي
ڪيڏي ترقي آئي آ
ڦرڻ جي اندازن ۾
ظلمن جي طريقن ۾
نئين جو واعدو ڪري
پراڻو نظام لاڳو ٿيو آ
انقلابي گيت
فاشسٽ ڳائيندا ٿا وتن
سڀ آزاد بہ آهن
سڀ ڪجھ ڪنٽرولڊ بہ آ
جمهوريت بہ رائج آهي
آمريت بہ موجود آهي
سڀ اصولن مطابق آهي
پر "پنهنجن" اصولن مطابق

سڀ حق حاصل ٿي ويندا
چاپلوسي مگر شرط آهي
قانون تمام سخت ٿي ويو آهي
پر فقط مخالفن لاءِ
فيصلا هاڻي ميرٽ تي ٿا ٿين
پر ”پسنديده“ ميرٽ تي
انصاف ڪيو پيو وڃي
پر مخصوص ماڻهن سان
ڪوڙ نه ٿو ڳالهايو وڃي
بس اڌ سچ ٿو ٻڌايو وڃي

اڄ جو دور
پراڻي دور کان
وڌيڪ شاطر آهي
وڌيڪ ظالم آهي





## پٽ پنهنجوءِ ڌيءُ ڌاري!

پٽ جي شادي لاءِ
سڀني کان سٺو سڱ ڳوليندا سين
پنهنجن ۾ نه به مليو ته
ٻاهران ڪنوار وٺي ايندا سين
ڌارين مان پرڻائي ڇڏيندا سين

ڌيءُ جي شادي لاءِ
سڱ پنهنجن ۾ ئي ڳولڻو آهي
انڌو هجي يا ڪاڻو
بس پنهنجو هجي
ڌارين ۾ ڌيءُ ڪيئن ڏيندا سين؟

پٽ پنهنجو
۽ ڌيءُ ڌاري !!!

## تنقيد کان متاهون

جنهن شيءِ تي
ڳالهائڻ جي
اجازت نہ هجي
سوال نہ پڇي سگهجي
تنقيد ڪرڻ جرم هجي

اها شيءِ
ڪيڏي نہ خوفزده
ڪيڏي نہ ڪمزور
ڪيڏي نہ ڪوڙي آهي





## دهشتگردي

دهشتگرديءَ جي خطري سبب
موبائيل سروس بند
انٽرنيٽ سروس بہ بند
اسڪولن، يونيورسٽين، اسپتالن
هوٽلن، پارڪن، بازارن، مزارن
جي سيڪيورٽيءَ ۾ اضافو
ڪارين، اسڪوٽرن، بسين
جي جڳهہ جڳهہ تي سخت چڪاس

ڏيکاءُ، ڍونگ، فريب
جا اعليٰ سطحي اجلاس
ڪوڙا انتظام
ڪوڙا اعلان
ڪوڙا نوٽيس

دهشتگردن ۾ انهن جي نڪاٽن کي
تباهه ڪرڻ ڪانسواءِ
ٻيا سمورا اپاءَ ورتا ويا آهن
دهشتگردن کي آزاد ۾
ملڪ کي قيد ڪيو ويو آهي





## ڌرتي

جڏهن جڏهن به،
ڌرتيءَ تان ڪا جنس نا پيد ٿي ويندي آ،
پکين جو ڪو نسل ختم ٿي ويندو آ،
ڪو درياهه سُڪي ٺوٺ ٿي ويندو آ،
ڪو ٻيلو ساڙيو ويندو آ،
ڪو ڳوٺ اُجڙي ويندو آ،
ڪا ٻولي مري ويندي آ،
ڪو ڪلچر چوڙڻ وارو هوندو آ،
ته دنيا جي ڪيترن ئي رنگن مان،
هڪ رنگ جو
موت ٿي ويندو آ،
ڌرتيءَ جي ٻُسائپ ۾
اضافو ٿي ويندو آ،
زندگيءَ جي حسن ۾

گهٽتائي اچي ويندي آ،
۽ ڌرتي
پنهنجي ڪنهن پياري،
جي مري وڃڻ تي،
پار ڪيڏي روئڻ لڳندي آهي !!!





## بي غيرت غيرتمند

ڌيءُ پنهنجي پاهر ڏيڻ تي
هو ڪيڏو ايذايو ويو

ڳوٺ مان هڪليو جي نہ ويو
ڳوٺ سان ڳنڍيو بہ تہ نہ ويو
هو ڪيڏو ايذايو ويو
تعلق رشتا رکڻ تہ پري
سڌي منهن ڳالهائڻ ڪاڻ بہ
هو ڪيڏو سِڪايو ويو
هو ڪيڏو ايذايو ويو

ڳوٺ سجو جڏهن
جُهمرين سهرن ۾
هو اڪيلاين جي جهنگ ۾

برادري کان برخاست ڪيو ويو
هو ڪيڏو ايذايو ويو

جتان بہ لنگهيو
پئي هلڪن سُرٻاٽن
هن جو پيڇو هاڻ ڪيو
هو ڪيڏو ايذايو ويو

ڏج کان غيرتمند ڏاڙيلن جي
ترقي پسند يارن بہ
پئي هاڻ لنوايو هن کان
هو ڪيڏو ايذايو ويو

پنهنجي سڏاري جي مُک تي
ڪارو تئو
پاڻ گهمايو ويو
هو نہ ايذايو ويو
هو نہ ايذايو ويو





## وري ياد اچن ٽيون مونکي

وري
ياد اچن ٽيون مونکي
ڳوٺ جون اُهي فضائون
اُهي چلولايون
تيز ڪاڙها ۽ جَهولا

وري
جهٽ پل ۾ جن جو
برسات ۾ بدلجڻ

وري
اهي ڇُوٽ هوائون
وڻ بہ جن ۾
ڌرتي چمڻ لاءِ آتا

وري
ياد اچي ٿو مونکي
اهو اگهاڙن پيرن جو
ڌرتيءِ سان رشتو

وري
ياد اچي ٿو مونکي
ها
هر هر ياد اچي ٿو مونکي!!!





## ڪرپٽ دور

جنهن دور ۾
ڪرپٽ ماڻهو گڏجي
ڪرپشن خلاف جلسا ڪن
آمريت جي پيداوار
گڏيل جمهوري اتحاد ٺاهي
رجعت پسند ماڻهو
انقلاب جو نعرو هڻن
امن جي نالي ۾
جنگيون ڪيون وڃن
غدارن کي
هيروز ڪري پيش ڪيو وڃي
عوام دشمن
عوام دوست پارٽيون ٺاهن
اليڪشن جي نالي ۾

سليڪشن ٿئي
دهشتگردن کي
محافظن واري
پوشاڪ پاتل هجي

تنهن دور ۾
ڪوڙ تي
سچ جو گمان
۽ سچ تي
ڪوڙ جو گمان ٿئي ٿو
لفظن کان سندن معني
ڇني ڌار ڪئي وئي آهي
اڄ جي دور جو سچ
بہ هائي جيڪ
ٿي چڪو آهي





## فخر

فخر
قوم جا استاد
پيدا نہ ڪندا آهن
نہ ئي ڊاڪٽر
ڪو فخر لائق
ڪم ڪندا آهن
اديب ۽ شاعر تہ فقط
پنا ڪارا ڪندا آهن
صحافي ويچارا
قتل ٿي بہ
شهيدن ۾ نالو
نہ ڳڻائي سگهندا آهن
سائنسدان تہ رڳو
ليبارٽرين ۾ وقت

ضايع ڪندا آهن
سياستدان تہ
غدار هوندا آهن
اسانکي قوم جي
دانشورن، تاريخدانن، آرڪيالوجسٽس تي
فخر نہ آهي
اسانکي فخر آهي
تہ فقط ملڪ جي
هٿيارن تي !!!





## عدت

زال جو مڙس
گذاري وڃي تہ
زندگي تہ نہ گذاري ويندي!

پر سماج ۽ مذهب آڏو
عورت ئي قصُوروار هجِي ٿي
چار مهينا قيد با مشقت جي
سزا تجويز ڪري ٿي

نہ گهر کان ٻاهر نڪرڻو آ،
نہ ڪو غير محرم ڏسڻو آ،
نہ پلنگ تي سمهڻو آ،
نہ هار سينگار ڪرڻو آ،
نہ گهڻو ڳالهائڻو آ،

نہ ٿهڪ ڏيڻو آ،
سيئي حق ،
جيئڻ جا،
ساهہ کڻڻ جا،
محدود ٿي ٿا وڃن !

ها پر جي،
مڙس جي زال،
گذاري وڃي تہ،
ٽن ڏينهن جو سوڳ،
۽ بس،
زندگي معمول تي واپس !!!





## شاعر اديب

اسان جيڪي،
شاعر اديب هوندا آهيون،
سي اصل ۾،
چور هوندا آهيون.
واقعن جا،
حادثن جا،
ڪهاڻين جا،
تشبيهن جا،
محاورن جا،
لفظن جا،
پر هي چور عجيب هوندا آهن،
جيڪي ڪجهہ،
کسيندا نہ آهن،
پر ڏيندا آهن،

ڇڏائيندا آهن،
ڇورايل سڄو مال،
هڪ وٽان ڪٽي،
سپني وٽ پهچائيندا آهن،
سپني کي آڇيندا آهن.





## منزلن ڪان متاهان ماڻهو

منزل طرف تہ
هر ماڻهو
سفر ڪندو آهي
پر ڪي ماڻهو
منزلن ڪان متاهان
ٿيندا آهن
منزل جن لاءِ
فقط هڪ ساهي
هڪ وقفو هوندي آ
هر ظلم دنيا جو
ذاتي ظلم ڀاسين
هر ناانصافي
ذاتي ناانصافي
سمجهي وڙهن

لاحاصل خوابن
جون تعبيرون
ڳوليندڙ ماڻهن لاءِ
اُس ڇانو
رنڊڪون سهولتون
جيل آزادي
سفر آرام
هوندو آهي

سدائين سفر ۾ رهندڙ ماڻهو
ڪڏهن نہ مطمئين ٿيندڙ ماڻهو
جستجو ڪي منزل سمجهندا آهن
منزلون ويچاريون
پوءِ انهن پويان
ڊڪنديون رهنديون آهن





## نامڪمل

نامڪمل
نامڪمل
هر شيءِ نامڪمل
پنڌ سمورا نامڪمل
ڪم سمورا نامڪمل
نظم تمام نامڪمل
تحقيق سموري نامڪمل
پيو تہ ٿهيو
زندگي بہ نامڪمل
بس ڊيڊلائين اچي ويندي آهي
وقت پورو ٿي وڃي ٿو
جو هر نامڪمل شيءِ کي
مڪمل ڪري ٿو
پيش ڪري

# خدمتون

بابا جي خدمتن عيوض
مليل انعامن جي
شفاف شيشي ۾
گهوريان وينو
مان
بابا جون خدمتون پيو ڏسان
۽ بابي جون خدمتون
مون ڏانهن تَڪي رهيون آهن...!!!





# چڏين پيا

اڳ تہ ڪڏهن
منهنجي ڳوٺَ ۾
بندوقَ جي نڪاءَ تي
پکين آکيرا
ڪينَ ڇڏيا ها
پرَ هاڻ
ڇڏين پيا

# نيٺ

نيٺ ته رات به کُٽندي
نيٺ ته باکَ به ڦُٽندي
نيٺ ته سپنا ساپيا ٿيندا
نيٺ ته رونقون ٿينديون
پَرَ اسان کي به
نيٺ
ڪجهه ته ڪرڻو پوندو
"نيٺ" جي دَرَ تان اُٿڻو پوندو!





# هلجي اُتي

هلجي اُتي
رهجي اُتي
پکي جِتي
صبح جو الارم وڄائن ٿا
ساوڪون
مَنَ ساوا ڪن ٿيون
موسم رقص ڪري ٿي
ڪُتن جي ڀونڪَ به
پياري ٿي لڳي

زندگيءَ کي فطرتَ جي
حُسن وانگي
چونه تازو ٿي گُذارجي
وُسعتن ۾ وِڃائجي وڃجي
روح خوش ڪجي

گُهٽجي ، ٻوساٽجي، محدود ٿي
زندگي ڇا گُذارجي
۽ ڇو گُذارجي

اسان کي
مُلان جي اذان کان
ڪُڪُڙ جي اذان
وڌيڪَ پياري آهي





## ٿَرُ

پيٽُ لڳو آ
وچي پُٺيءَ سان
تہ بہ،
تڪڙ نہ ٿو ڇڏين

چنڊَ ! پنهنجو مُنهنُ
ڪڪرن سان
ڍڪي نہ ٿو ڇڏين؟

## ڳولا

ايئن ٿئي چو نہ ٿو

جو هلندي هلندي
بازارن ۾، بسن ۾
اجنبي چهرن ۾
ڪو چاتل چهرو
تنهنجو نڪري
ڪا گهٽي تنهنجي نڪري
ڪو لمحو تنهنجو بڻجي
جيون مُرڪي پوي
وقت رُڪجي وڃي
سفر منزل ماڻي وڃي
حياتي تنهنجي ٿي وڃي
زندگيءَ کي سڦلتا ملي وڃي

ايئن ٿئي چو نہ ٿو ؟؟





## تارن پريو آڪاش

ڳوٺ جي اڱڻ تي سمهي
تارن سان ٽمٽار آڪاش ڏسي
لڳي ٿو چڻ
آسمان تي ڪا شادي آهي

شهر جي اڱڻ جي
نصيب ۾ ڪيترا نہ
ٿورڙا تارا ايندا آهن
چڻ آسمان تي ڪا
هڙتال هجي

شهر جون تيز روشنيون
ڪيترائي خوبصورت تارا
ڏسڻ کان محروم
ٿيون ڪري ڇڏين!

## شعور جي شڪست

اسلحہ خانن تي آرش،
سُڄ ڪتاب گھرن ۾ ٿي وسي،
گوليءَ ڪتاب کي ايئن،
آ اُڏائي ڇڏيو،
۽ فضا ۾ پکڙيل،
ڪتابن جا اهي ورق،
هن وقت،
جي ڇهپيا نہ ويا،
جي سانڍيا نہ ويا،
نہ سهيڙجي،
ڪڏهن نہ سگهبا،
۽ پوءِ،
گولين جو راڄ هوندو،
۽ شڪست هوندي،
شعور جي!





## اوندهہ جو راڪاس

اوندهہ جو راڪاس
آڏيہ مٿان ڇانيل،
ڏينهن ڏٺي جو بہ!

# ٻيو

ٻيو
ڪيڏو ڇتو نظر ٿو اچي
۽ پاڻ
ڪيڏو ڏنڌلو!





# ڳالهائيندي ڳالهائيندي

ڳالهائيندي ڳالهائيندي
مون سان
ڳالهائڻ ڇڏي ڏنئي
بنا خطا جي
مون کي
سزا سڻائي ڇڏيئي!!!

# ايندي ايندي

ايندي ايندي
ايڏي دير ڪري چڙيئي
جو
غمگين رهڻ جي
عادت پئجي وئي





# No entry

توڪاڻ
جڙ مان
ڪو No entry جو بورڊ آهيان
جنهنڪي ڏسي
رستو ئي مٽائي ٿي وڃين!

## رت جو ٽيپو ڪرڻ

رت جو ٽيپو ڪرڻ،
جڻ تہ آهي،
زمين جو ڦٽڻ ڇڏڻ



books.sindhsalamat.com



## مان

مان ڪٿي اهڙو،
ڪن ڏوهہ پيا،
سمجهي سڀ ڪو اهو



www.sindhsalamat.com

## گولي

هڪ گوليءَ جو ٺهڻ،
آهي ڄڻ
هڪ حياتيءَ جو وڃڻ،





## وطن

وطن ويا ڇڏي،
وطن وارا،
ٿيندي ڪيئن چانڊوڪي؟

## شاعري

شاعري ڇا،
المين جو
پندار آ!





## ڪاري

خبر ناهي تہ هن کي ڪاري،
پيءُ ڪيو
يا طنز ۾ ٻڏل طعني؟

## جياپو

مون کي تون جيار
اکيون وجهي
اکين منجهه





## پرواز

ساجهر ساڻ سوبل
برف سمان ماحول ۾
پکيءَ جي پرواز

## دانهن

ڪاري تي وئي منهنجي ڏيءُ
ڏاڙيل تي ويو منهنجو نينگر
جيل ۾ واڙي وئي آهيان
وري مان!!!


books.sindhsalamat.com



## اونده جوراڪاس

اونده جوراڪاس
آ ڏيهه مٿان ڇانيل،
ڏينهن ڏٺي جوبہ!!!


www.sindhsalamat.com

## سَڏَ

سَڏَ سامهون آهي
ڪيسو خالي آهي
پِيزا وڏي آهي





## دل منهنجي

دل منهنجي
اڄ نڪري
وري زماني جا درد
ميڙي آئي آهي
ڏسي آئي آهي
تہ زندگي
فٽ پاٿن تي
ڳِهلجي ٿي پئي
پيٽ پرڻ ڪاڻ
بيوس اکيون
شڪاري ڳولين ٿيون
لنگڙي لولي معصوميت
تہ واٽي تي

هٿ ٽنگيو بيٺي آهي
آزادي
پابندين جي چارڄ
ڦٽڪي پئي
انصاف
هٿ ٻڌيون بيٺو آهي
پيار
ڪاروڪاري
ڪُسجي رهيو آهي
بس ايئن ئي
ڪڏهن ڪڏهن
دل منهنجي نڪري
زماني جا درد
ميڙي ايندي آهي
۽ پنهنجي بيوسيءَ تي
ڪڙهندي رهندي آهي





## حسرتن ۽ مسرتن

حسرتن ۽ مسرتن
جي وچ واري
طويل مفاصلي ۾
ڀٽڪڻ باوجود
منهنجو پيار اهو اٿئي
جو توکي حاصل ڪرڻ جو
موقعو مليو ته
تنهنجي خواهش بنا
مان نه ايئن ڪندس

قربان ڪندس
پنهنجي سڌن کي
اهميت ڏيندس
پنهنجي مُرڪ تي
تنهنجي مُرڪ کي

# فاصلا

فاصلا
منهنجي تنهنجي وچ ۾
رسمن وانگر
ڪيئن نہ اينگهجندڙ
پر جڏهن
ٿيندا ختم سياٽي
جسماني فاصلا
تڏهن مان سوچيان ٿو
ڪٿي وري بہ نہ رهن
فاصلا
ڪي ذهني
فاصلا!!!





# فرنٽ پيج

اج اخبار جي
فرنٽ پيج تي
لوگو جي سِڌَ ۾
ويڪرن ٿلهن اکرن ۾
تنهنجو نالو ڏسندي ئي
ڏکي ويو آهيان
وڏيڪ خبر پڙهڻ جي
همت ئي
وڃائي وينو آهيان

تون
صدر، وزير اعظم يا
فوج جو ڪو وڏو عملدار تہ ناهين
جو اهڙي جڳهہ

تون والاريندين
اهڙي محترم جڳهه
تہ فقط تون پنهنجي
موت تي ئي ماڻي پيو سگهين
۽
ماڻي اٿئي

( فقير محمد لاشاري جي موت جي خبر پڙهڻ کانپوءِ لکيل)





## خوفزده ماڻهو

خوفزدهہ ماڻهو،
سدائين چِرڪيل رهندا آهن.
هيءَ ڳالهہ آهي يا سازش،
هر ڳالهہ تي،
بس اهوئي سوچيندا رهندا آهن.

چار ماڻهو گڏجي پون،
تہ هنن جو ساهہ نڪري ويندو آهي.
هنن جا ڪن،
هر وقت کڙا رهندا آهن.
پنهنجي حڪومت،
ٿوري ٿوري ڳالهہ تي،
ويندي محسوس ٿيندي اٿن.
طاقت جو لباس،

خوف کي لڪائڻ لاءِ،
پائيندا آهن.

پابنديون، ڦاسيون، ڪرفيو،
پسنديده مشغلا اٿن.
توپن، اسلحن ۽ جنگين ۾،
پنهنجو بچاءُ،
نظر ايندو اٿن.

بظاهر مضبوط نظر ايندڙ
اندر ۾ ڏاڍا هيڻا هوندا آهن.
تبديلي زهر لڳندي اٿن.
معمول مطابق زندگي،
هنن جي جنت هوندي آهي.

ڪرسيءَ تي ويٺل ماڻهن جي ٻه،
پنهنجي هڪ الڳ ئي،
نفسيات ٿيندي آهي.





## تنهنجي ياد

تنهنجي ياد جو رسو،
ڳچي ۾ وجهي،
آس جي ڪرسي تي،
بيٺل مان،
وقت جي درياهه ۾،
ٿاڦوڙا هڻي رهيو آهيان!!!

# انسانيت جو سنگسار

فيس بڪ استعمال ڪرڻ جي ،
ڏوهه ۾،
سيريا جي ڇوڪري
کي سنگسار ڪري رهيا هيا.
وحشت ڀريل اها تصوير ڏسي،
مون کي ائين لڳو ڄڻ،
اهي پٿر،
دنيا جي سمجهه تي،
وسي رهيا هجن.
۽ سنگسار
انسانيت تي رهي هجي





# سرڪاري پڌرائي

ڏينهن ڏٺي جو
وچ شهر ۾
مسافر بس تي
ڇئني طرفن کان
انڌا ڌنڌ فائرنگ
چوئيتاليهه ماڻهو مري ويا،
تيرنهن زخمي،
وزير اعلي پاران واقعي جي
سخت لفظن ۾ مذمت،
علائقي جو ايس ايچ او معطل،
مري ويلن لاءِ
پنجن لکن جو اعلان،
اج صوبي ۾
سوگ به ملهايو ويندو.

حڪومت جي ٻي پريس ڪانفرنس
ايندڙ واقعي کان پوءِ ڪئي ويندي
ڪرائي جا قاتل،
ماستر مائيڊ وٽ،
آرام سان پهچي چڪا آهن.

قوم نئين واقعي جو انتظار ڪري!





# فرد جو جسم

فرد جو جسم
ازل کان ابد تائين
ان جو پنهنجوئي تہ آهي
جسماني ضرورتن
جي پورائي لاءِ
هر شخص آزاد آهي
سيڪس جسم جو
انفرادي فعل آهي
شاديءَ سان تڪرار ۾ ناهي

شادي ڪنهن ٻئي کي
پنهنجو جسم جو
قبضو ڏيڻ
وڪڻي ڏيڻ

يا پابنديون لڳرائڻ
جو نالو ناهي

شادي ته
ٻن آزاد فردن جو
گڏجي زندگي گهارڻ لاءِ
ڪيل هڪ واعدو آهي
زبردستيءَ جي گُهٽ ۾
ڪا خوشي ڀلا
ڪيئن نسري سگهندي؟

شادي مرضيءَ جي زندگي آهي
هڪ راهه تي
گڏجي هلڻ جو نالو آهي
هڪ ٻئي جي
جسم ڦُرڻ جو نه!





## تڏو

هن جي تڏي تي سيئي هئا
پنهنجا به ته
پراوا به
منٺار به ته
دغاباز به
يار به ته
اغيار به
قرب وارا به ته
هن جا قاتل به!

## قبر

گهر ۾ رهندڙ شخص جو
جڏهن
پنهنجي ئي گهر ۾
لاش ٿو ڪٽي اچجي
تہ گهر بہ
هڪ قبر ٿو بڻجي وڃي





## ڪا عزت بہ ذلت

ڪي معطليون بہ فخر جهڙيون
ڪي صدارتون بہ ڊونڊ پريون

ڪي زنجيرون بہ سينگار لڳن
ڪي ميڊل بہ ساهہ ٻُوساٽين

ڪي استعيفائون بہ نالي واريون
ڪي ترقيون بہ ڇڙ بدناميون

ڪو ڪٽڻ بہ ڇڙ هارائي وڃڻ
ڪا سوڀ بہ رڳي لوپ هجي ٿي

ڪي تنظيمون بہ ڪجهہ ڪين ڪن
ڪي فرد بہ ڇڙ سنگت هجن

کو ڏاڏو بہ ڏاڍو ڏنل آهي
کو هيٺو بہ ڪيڏو سگهارو

ڪي تهمتون بہ ڳاٽ اوچو ڪن
ڪي تعريفون بہ نفرت جوڳيون

ڪي طنز بہ زندگي ناهين
ڪي آشيرواد بہ حياتيون ڏاهين

ڪي هنڌ بہ جڻ گند هجن
ڪي ڪفن بہ جڻ سيج هجن

ڪي ايوارڊ بہ تذليل جوڳا
ڪا بيعزتي بہ عزت پري

ڪا عزت بہ ذلت
ڪا ذلت بہ عزت





## پيار

توسان ئي تہ پيار هيو
پر توکان ئي
لڪائيندا رهيا سي
توکي چوري چوري ڏسڻ
تنهنجي ويجهو رهڻ جا بهانا ڳولڻ
تنهنجو هر ڪم تڪڙ ۾ ڪرڻ
توکي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ
تو لاءِ نهڻ جڙڻ
تنهنجي سامهون اچڻ تي
دل جو ڌڙڪو وڌي وڃڻ
توسان ڳالهائڻ جي اجائي
ڪوشش ڪرڻ
پر
توکي I love you

نہ چئي سگھڻ

۽

ان ئي ارمان ۾

سڄي زندگي گزاري ڇڏڻ!





## شيطاني چڪر

ڊاڪٽر کي ٻار لاءِ کير کپي ٿو
کير وارو ملاوٽي کير
وڪڻيس ٿو

کير وارو سرڪاري آفيس وڃي ٿو
سرڪاري آفيسر ڏاڍو رلائيس ٿو

سرڪاري آفيسر سبزي وٺڻ وڃي ٿو
سبزي وارو گھٽ تور واري
سبزي وڪڻيس ٿو

سبزي وارو
ٻار اسڪول موڪلي ٿو
ماستر ٻار پڙهائي نٿو

ماستر اسڪول وڃي ٿو
ٽريفڪ ڪانسٽيبل
اجايو چالان ڪريس ٿو

ٽريفڪ ڪانسٽيبل بيمار ٻار ڊاڪٽر ڏي
وٺي وڃي ٿو
ڊاڪٽر صحيح طرح
چڪاسيس نٿو

ڊاڪٽر ڪير وٺڻ وڃي ٿو تہ
ڪير وارو
ملاوٽي ڪير
وڪڻيس ٿو!!!





## يادگيريون

خبر اٿو
هر اهو ڏينهن
جيڪو
معمول مطابق
گذاريو ٿا
گهڙيال جي سئي وانگر
ساڳين ساڳين دائرن ۾
ضايع وڃي ٿو

جيڪي ڏينهن
جدا گذاريو ٿا
معمول ٽوڙيو ٿا
ڪجھ نئون ڪيون ٿا
يادگيريون بڻجي ٿا وڃن

يادگيريون ٻٽايو
زندگي ضايع ٿيڻ کان بچايو
يادگيرين سان ڀريل زندگي
زندگي جو بيلينس آهي


books.sindhsalamat.com



## نئون موت

گولي هٽي نه
زهر ڏئي نه
جيل وجهي نه
ٿارچر ڏئي نه
ڦاهي چاڙهي نه
هاٿي ماريو ويندو توکي
نئين انداز سان
بس اوچتو
بيمار ٿي ويندين
۽ پوءِ
گذاري ويندين
”طبعي“ موت مري ويندين
جين
حڪم عدولي ڪندين!


www.sindhsalamat.com

## سفر منزل

سفر ڪيڏو
خوبصورت آهي
جيڪو
منزل تي پهچائي ٿو

منزلون،
سفر حاصل ڪندا آهن
بنا مقصد واري زندگي
رڪجي ويل حياتي آهي

مقصد
زندگي واري
گاڏي جو
انجڻ آهي
مقصد سفر کي
۽ سفر منزل کي
حاصل ڪري ٿو





## گورک

گورک ڏانهن سفر،
ايئن ٿي لڳو ڄڻ،
جون کان جنوريءَ،
ڏانهن سفر هجي !!!

دنيا جي پوسٽ کان دور،
وقت کان مٿي،
گورک جو حسين وجود،
اسان کي پاڻ ڏانهن،
ڇڪي رهيو هو.

سانت جي ديس ۾،
ڪڪرن سان ڪلهو ملائي بيٺل،
هي قدآور جبل،

گهمڻ مهل،
پنهنجي پيرن جو آواز،
صاف ٻُڌجي رهيو هيو.

وجود منظر ۾ فنا ٿي ويو،
۽ روح اڏامي رهيو هو.
سنڌ جي،
گرميءَ ۾ ماريل ماڻهن لاءِ،
گورک جي چوٽيءَ تي،
سُک جو ساهه رکيل آهي.


books.sindhsalamat.com



## دوستن جي ڪچهري

رات جي خاموشي
دوستن جي محفل
هلڪي هلڪي هوا
ان کان به زوردار
ڳالهين جو گهلڻ
ضروري سڀ ڳالهيون
ختم ٿيڻ کانپوءِ
اصل ڪچهري جو شروع ٿيڻ
اجايون ڳالهيون
جيڪي سجايون هونديون آهن
ٽهڪن جا ڪوڪرا
مٿي چنڊ به بيٺو مسڪرائي
وڻ به ڪل ۾ پيا ليٽن


www.sindhsalamat.com

دوستن جي ڪچهري
پنهنجي اندر جو سلڻ آهي
روح پنهنجي سان ملاقات آهي
ڪي مشورا
ڪي منصوبا
ڪي نوان خيال

نئون سنئون ٿي
زندگي ڏي واپس موٽڻ هوندو آهي

دوستن جون ڪچهريون
زندگي جون وٽامنس آهن





## پابندي

پابندين جا ڪندا
ڦهليل آهن هر پاسي
اظهار جي آزادي آهي
نالي ماتر